June 29, 2020

فشر فوڪ پاران ٺٽي ۾ ماهيگير سان تذليل جي مذمت

نوجوان کي من پسند اگهه تي مڇي نه ڏيڻ تي بااثرن پاران تذليل جو نشانو بڻايو ويو

ظلم برداشت نه ڪيو ويندو، بااثرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي؛ محمد علي شاه

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) پاڪستان فشرفوڪ فورم جي چيئرمين محمد علي شاه ضلعي ٺٽي جي ڀارا واري علائقي ۾ ماهيگير نوجوان کي تذليل جو نشانو بنائڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي بااثرن خلاف ڪارروائي جي گهر ڪئي آهي.

ڀارا جي ساحلي پٽي ۾ نوجوان نصير ڏيلو پاران علائقي جي بااثرن کي سندن من پسند قيمت تي مڇي وڪرو نه ڪرڻ تي سندس ڏاڙهي، مڇون، مٿي جا وار ۽ پرون ڪوڙي سخت تذليل جو نشانو بڻايو ويو آهي.

هن نوجوان نصير ڏيلو سان همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته  پاڪستان فشرفوڪ فورم ان معاملي ۾ ساٿس گڏ آهي ۽ ان زيادتي کي ڪنهن به ريت برداشت نه ڪيو ويندو.

هن چيو ته سمنڊ ماهيگيرن جو آهي ۽ ماهيگيرن کان زبردستي سان مڇي وٺڻ جو اختيار ڪنهن وٽ به نه آهي، اهو ظلم برداشت نه ڪيو ويندو.

محمد علي شاه چيو ته ڪراچي کان بدين جي ساحلي پٽي تائين سامونڊي حدن تي وڏيرا پنهنجو قبضي ڄمائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، پرپاڪستان فشرفوڪ فورم انهن جي ڪنهن به ڏاڍائي کي تسليم نه ڪندي انهن جي مذمت ڪري ٿي.

هن اختيار وارن کان گهر ڪئي ته معاملي جي جانچ ڪري نوجوان کي تذليل جو نشانو بڻائيندڙ ذميوارن کي سزا ڏني وڃي.